**ڊاڪٽر حاڪم علي برڙو**
علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد

# جمال ابڙي جي افسانن جا موضوع: سندن ٽيڪنيڪ ۽ اسلوب جو استعمال

## SHORT STORIES OF JAMAL ABRO

### Abstract

World literature is an important style of short story. It has also got its popularity and significance in Sindhi language as well. Modern Sindhi short story writer has always been quite conscious of present paths at the present time. They have given their messages through symbolism Jamal Abro commands the position of a leading modern short story writer. The critics of Sindhi literature compare him with maxim Gorky. He has great sympathy with the poor folk of Sindh. He is critical of the rich owing to their exploitation. His characters are the Lamiserable's "Who live under the tyrannical sway of the self-styled wealthy upper class. In this article, technique and diction and their uses have been written."

ورهاڱي کان پوءِ اسان کي افسانن ۾ جيڪو سگهارو نالو مليو ٿو، اهو آهي جمال ابڙو، هن سنڌي ڪهاڻي کي جديد تقاضائن مطابق لکيو. سنڌي افساني ۾ جديد دور ۾ ڪيترائي نوان رجحان آيا انهن ۾ موضوعن ۽ سماجي لحاظ کان بہ جدت آئي ۽ نواڻ آئي، افسانن ۾ نوان نوان تجربا پڻ ڪيا ويا. ورهاڱي کان پوءِ ون يونٽ جو قيام، ايوب مارشلا، لساني جهيڙا، سنڌي ماڻهن سان ناانصافين جهڙن موضوعن جي ڪري سنڌي افساني ۾ انقلابي تبديلي آئي. بقول ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي تہ: "سنڌي افسانن ۾ شيخ اياز کان پوءِ جيڪو ٻيو وڏو نالو مليو ٿو اهو جمال ابڙو جو آهي". (1)

جمال ابڙو شاگرديءَ واري زماني کان وٺي سنڌ هاري ڪميٽي سان لاڳاپيل پورهيت تنظيم جو اهم رڪن پڻ رهيو. انهيءَ ڪري هن کي سنڌ جي هارين، نارين، غريبن، مسڪينن ۽ مظلوم انسانن جي حال جي پلي پٽ خبر هئي، جنهن کي هن پنهنجي لکڻين جو اهم موضوع طور پڻ پيش ڪيو آهي. "هن جديد دور ۾ جيئن شاعري تي اياز ڇانيل آهي تيئن افسانن ۾ جمال جو رتبو سڀ کان اهم آهي"

حالانڪ جمال ڪهاڻيون گهٽ لکيون آهن پر سندس سڀ ڪهاڻيون معياري ۽ اعليٰ پائي جون آهن. جن جي ڪري جديد دور جي افسانہ نگارن ۾ سندس ڳاٽ اوچو نظر اچي ٿو" (2)

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لکن ٿا. "سنڌي افسانہ نگارن ۾ جمال ابڙي کي بہ اعليٰ مقام حاصل آهي. هن سماج جي رسمن خلاف آواز اٿاريو آهي. هن پنهنجي افسانن ۾ سماج جي ڏوهارين مجبور ۽ بيڪس انسانن جي طرف کي پيش ڪيو آهي ۽ انهن جي بچاءَ ۾ پنهنجي پيار ۽ انسان دوستي جا تمام امنگ ۽ جذبا پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪيا آهن". (3)

سراج ميمڻ جن لکن ٿا تہ: "جمال سنڌ ۽ سنڌي عوام جي رڳ رڳ کان واقف هو. ان سنڌي زبان ماءُ جي پيٽ مان اهڙي سکي جو هو جيئن چاهي ائين انهيءَ کي معنيٰ ڏني، ڪهاڻي يا افساني جي ٽيڪنيڪ تي تہ جمال حرف آخر هو". (4)

ڊاڪٽر غفور ميمڻ جن جمال ابڙي جي موضوعن بابت لکن ٿا تہ: "جمال ابڙي پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع زياده تر ان طبقي مان کنيا جيڪي ڏتڙيل پرماريت جو شڪار آهن. سندس موضوع وڏيرڪي سماج ۾ ماڻهن سان حيواني سلوڪ، معاشي طور سخت اذيت ناڪ صورتحال، بک، بيروزگاري، مفاد پرستي، نفاسي نفسي آهن. جمال ابڙي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جي تقريبن سڀ تاريڪ پهلو ظاهر ڪيا آهن. جيڪي وڏيرڪي سماج جي جزن ۾ سمايل آهن". (5)

جمال جي افسانن جا جيڪي موضوع هئا اهي سماجي، خارجي ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ جا موضوع آهن. هن سنڌي سماج ۾ زندگي ۽ موت جي مسئلن کي پنهنجو موضوع بڻايو. سنڌي قوم جيڪا صدين کان انڌي عقيدي ۽ غلط رسمن جي اذيت ناڪ دور ۾ مبتلا هئي جمال انهن کي پنهنجي افسانن ۾ موضوع بڻايو. سندن لکڻ جو انداز ۽ ڏات اعليٰ هئي. سندن موضوع سنڌ جو هڪ عام ۽ غريب ماڻهو هو. جنهن جي زندگي زنجير ۾ جڪڙيل هئي. سنڌ ۾ ڏتڙيل عام ماڻهن جي مسئلن تي قلم کنيو. هن پنهنجي افسانن ۾ پيش ڪيل ماڻهن ۾ اميد، آسرو، همت، بهادري، حوصلو پيدا ڪرڻ جي ڪوشش جي تلقين ڪري ٿو. سماج ۾ ڌڪاريل ڪمزور، هيڻن، تڪليف ۽ مصيبتن ۾ ماريل انسانن کي نئون رستو ۽ گس ڏيکاري ٿو. انهن جي ذهنن کي ترقي جي طرف وٺي وڃڻ لاءِ انهن کي همٿائي ٿو ۽ ڪوشش ڪري ٿو تہ انهن ۾ ترقي وارو هڪ رجحان پيدا ٿئي تہ جيئن اهي مدي خارج رسمن کي ڦٽو ڪري هڪ حقيقي جهان طرف اچن، جيئن اهي اڳتي پنهنجي زندگي عزت، آرام ۽ سڪون سان گذاري سگهن جيڪو انهن جو فطري حق آهي.

جمال ابڙي تي ترقي پسند تحريڪ جو تمام گهڻو اثر هو، هن انهيءَ جي زير اثر افسانا پڻ لکيا هئا جنهن ۾ وڏيرن، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي خلاف آواز بلند

ڪيو. هارين ۽ مزدورن جي حقن جي ترجماني جمال ابڙي جي افسانن جا موضوع پڻ رهيا. سنڌي سماج ۾ مروج فرسودا رسمن جن ۾ پير پرستي، قبر پرستي، ڪارو ڪاري، وغيره جهڙن اهم موضوعن تي موثر طريقي سان لکيو آهي. جمال ابڙي افسانا تمام گهٽ لکيا آهن پر فني اعتبار سان اهي بلند مقام رکن ٿا، سحرامداد انهيءَ حوالي سان لکن ٿيون ته: ”مون کي اهو چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته جمال ابڙو جيڪڏهن بيو ڪجهه به نه لکي ها پر سنڌي ادب ۾ فقط هڪ ڪهاڻين جو مجموعو پشو پاشا ڏئي ها ته به هي هڪ وڏو اديب هجي ها“ (6)

جمال ابڙي جي افسانن جو مجموعو پشو پاشا آهي. ”هو حر هو“ افسانو جمال ابڙي جو پهريون افسانو آهي. هن افساني سان جمال پنهنجي افسانه نگاري جي شروعات ڪئي. هن افساني ۾ انگريزن جي خلاف حُر مجاهدن تي جيڪو ظلم ۽ بربريت ڪئي وئي آهي انهيءَ تان جمال ابڙي پردو کنيو آهي. هي حُر تحريڪ هڪ انگريزن جي استحصال جي خلاف هئي جيڪا هڪ ترقي پسند نظرئي واري سوچ جو هڪ اهم موضوع ۽ نمايان پهلو پڻ هو. ڊاڪٽر غفور ميمڻ جن لکن ٿا ته:

”سنڌي ادب ۾ ترقي پسند فڪر جو پوئلڳ انهيءَ کي چيو ويندو آهي جيڪو پنهنجي تخليق جو رشتو سماج جي مسئلن سان جوڙي عام ماڻهن جي ڏک سک کي محسوس ڪري“. (7)

هن مٿين راءِ کي اڳتي وڌائيندي اهو چوندس ته جمال ابڙي پنهنجي افسانن ۾ عام ماڻهن جي ڏک سک کان وٺي استحصالي طبقي جي ظلم ۽ ڏاڍ جو پڻ ذڪر ڪيو جنهن جو اعليٰ مثال هي افسانو ”هو حر هو“ آهي.

هن افساني ۾ انگريزن طرفان حُر مجاهدن تي ٿيندڙ ظلم بيان ڪيا ويا آهن. انگريزن جي ظلم ۽ تشدد جي ڪري جيڪي ماڻهو ڏاڙيل ٿي وڃن ٿا اهو سڀ انهي ظلم جي ڪري پنهنجي بدلي خاطر مجبور ٿي ڪري ڏاڙيل بڻجن ٿا، اهڙي طرح سندن ٻيو افسانو موضوع جي حوالي سان ”منهن ڪارو“ به ترقي پسندي جي زمري ۾ اچي ٿو. هن افساني ۾ پيري مريدي ۽ قبر پرستي جيڪا سنڌي سماج ۽ معاشري کي تباهي جي ڪناري تي وٺي وئي آهي، انهيءَ مطابق لکيل آهي. اهڙي طرح سندن اهم افسانو ”شاهه جو قُر“ هن افساني ۾ سيد خاندان جي بادشاهت ۽ برتري کي کولي ڪري ڏيکاريو ويو آهي ته سيد پنهنجو پاڻ کي ڪيتري حد تائين اعليٰ ۽ افضل سمجهي ٿو. اهڙي طرح ڪهاڻي ”بدمعاش“ هن ڪهاڻي ۾ ليڪڪ جن معاشري جي ستايل نوجوان جو ڪردار پيش ڪيو آهي ته ظلم تشدد ۽ مارڪٽ جي ڪري انسان موٽ ۾ سماج ۽ معاشري ۾ به اهو ئي رد عمل ڪري ٿو جيڪو معاشرو ۽ سماج انهيءَ سان ڪري ٿو. چو جو اهو انسان جي فطرت ۾ سمايل آهي ته جيڪو معاشرو ۽ سماج انهيءَ کي ڏيندو اهو به انهيءَ کي بدلي ۾ اهو ئي واپس ڪندو. اهڙي

طرح سندن اهم افسانو پشو پاشا هڪ شاهڪار افسانو آهي.

پشو پاشا اهڙي انسان جي ڪهاڻي آهي جيڪو حقيقت ۾ اذيتون، محروميون، غربت، مفلسي ڏسي ٿو، معاشري ۾ ان سان زيادتيون، گهٽ نظر سان ڏسڻ، محروميون اهي سڀ سبب انهيءَ کي باغي بڻجڻ تي مجبور ڪن ٿا، ايتري تائين جو محبت جي ناڪامي، اهي سڀ رويا انهيءَ کي سماج طرفان ملن ٿا ۽ آخرڪار اهو سماج سان پنهنجين محرومين جي بدلي وٺڻ خاطر بغاوت ڪري ٿو ۽ اهو سماج جي زيادتين خلاف هڪ اهڙي طاقتور بغاوت اختيار ڪري ٿو جيڪا ڪنهن سياسي، اخلاقي ۽ سماجي منشور جو حصو نہ ٿي هجي پر اندر مان اپرندڙ جذبن جي رد عمل جو اظهار هوندو آهي. اهڙي طرح سندن افسانو ”خميسي جو ڪوٽ“ بہ هڪ اهڙي موضوع تي آهي جيڪو غربت ۽ مفلسي جي تصوير آهي جنهن جي ڪري انسان جي تقدير نٿي مٽجي سگهي، ڇو تہ غربت، بک ۽ بدحالي جي ڪري انسان پنهنجو علاج بہ نٿو ڪرائي سگهي ۽ ائين زندگين جو بي وقتائتو انت اچي وڃي ٿو.

اهڙي طرح سندن افسانو ”پيراڻي“ بہ موضوع جي حوالي سان تعلق رکندڙ هڪ اهڙي حقيقي ڪهاڻي آهي جيڪي غربت ۽ مفلسي کان مجبور ٿي ڪري پنهجون نياڻيون ٽڪن تي ڪپائين ٿا.

اهڙي طرح سندن ڪهاڻي ”ڪارو پاڻي“ هن افساني ۾ ٻوڏ جي ڪري ڳوٺ وارا قدرتي آفت جي ڪري مصيبت ۾ ڦاٿل آهن تہ ٻئي طرف وڏيرن ۽ سرڪاري ڪامورن جي بي حسي اجان وڌيڪ انهن جو جيئڻ حرام بڻائي ڇڏي ٿي.

جمال موضوع جي حوالي سان طبقاتي سوچ ۽ پڙهيل ڳڙهيل ذهنن جي سوچ جي افساني ”مهرباني“ ۾ تمام خوبصورت نموني عڪاسي ڪئي آهي تہ هن افساني ۾ اهڙي موضوع تي ڪهاڻي لکيل آهي جيڪا حقيقت ۾ اسان جي ليکڪن جي اکين کان ڪوهين ڏور آهي. هن ڪهاڻي ۾ غريب ۽ مسڪين فقيرياڻي جو ڪردار آهي جيڪا شڪل ۽ صورت ۾ تمام پُرڪشش آهي پر غربت ۽ مفلسي جي ڪري خيرات وٺڻ تي مجبور آهي. ڊاڪٽر جو فرض آهي تہ بنا ڪنهن فرق جي انسانيت جي خدمت ڪرڻ آهي. پوءِ اهو ڇو امير ۽ غريب جي وچ ۾ فرق رکي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن غريب وٽ پئسو نہ آهي تہ ان کي دوا بہ نٽي ڏني وڃي پر ساڳئي جاءِ تي امير ماڻهو جي گهر وڃي علاج ڪيو وڃي ٿو ۽ بدلي ۾ پئسا بہ نٽا ورتا وڃن، جمال هن اهم مسئلي کي تمام خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

اهڙي طرح سندن اهم افسانو ”سينڌ“ بہ موضوع جي حوالي سان ڪارو ڪاري جهڙي غلط ۽ فرسوده رسم بابت لکيل آهي. جنهن ۾ جمال انهيءَ غلط رسم

جي ڪري ٻڌائي ٿو تہ ماڻهو پنهنجا بدلا ڪهڙي طرح هن آڙ ۾ پورا ڪن ٿا جيڪو هڪ وڏو الميو آهي.

"جمال ابڙو پهريون ئي فنڪار آهي جنهن فن ۽ مقصد ۾ ظاهر ظهور حقيقت نگاريءَ جو رواج وڌو. ڪائنس اڳ ۾ انفرادي ڪوششون ضرور ملن ٿيون، جمال ابڙي وٽ حقيقت نگاري رويي اديبن وانگر بلڪل نوس شڪل ۾ ملي ٿي. هو پنهنجي ڪهاڻين موضوع، سنڌي سماج جي تلخ حقيقتن منجهان ڪڻي ٿو. جيڪي زندگيءَ جا نهايت بدزيبا روپ آهن". (8)

هن سنڌي ڪهاڻي کي جديد تقاضائن مطابق لکيو. سنڌي افساني ۾ جديد دور ۾ ڪيترائي نوان رجحان آيا انهن ۾ موضوعن ۽ سٽا جي لحاظ کان بہ جدت ۽ نواڻ آئي، افسانن ۾ نوان نوان تجربا پڻ ڪيا ويا. ورهاڱي کان پوءِ ون يونٽ جو قيام، ايوب مارشلا ۾ لساني جهيڙا، سنڌي ماڻهن سان نا انصافيون ۽ ٻين مسئلن سنڌي افساني ۾ انقلابي تبديلي آئي.

اسان جڏهن سنڌي ڪهاڻي تي غور ڪريون ٿا تہ اسان کي ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻي ۾ حقيقت نگاري جو رجحان بہ ملي ٿو. حقيقت کان علاوه انهن ۾ مقامي رنگ بہ نمايان آهي. جمال ابڙو انهن اوائل دور واري ليکڪن مان آهي جنهن جو ڳوٺاڻي زندگي ۽ ان جي روشن پهلوئن ڏانهن هن توجهہ ڏني. هن پهريون پيرو سنڌي ڪهاڻي ۾ سنڌي پس منظر ۽ ماحول جون تصويرون پيش ڪيون. جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ ٽيڪنيڪ ڪيترن ئي حوالن سان ملي ٿي. علامتي، بيانيہ ۽ ڪرداري ٽيڪنيڪ سندن افسانو پشو پاشا ڪرداري افسانو آهي. جڏهن پشو جو زبان تي نالو اچي ٿو تہ پڙهندڙ اڳيان هڪ ارڏو، ڪردار سامهون اچي ٿو، وري جڏهن پيراڻي ڪهاڻي تي غور ڪنداسين تہ انهيءَ ۾ علامت ۽ فليش بيڪ ٽيڪنيڪ ملي ٿي وري اهڙي طرح خميسي جي ڪوٽ افساني جو ذڪر ڪنداسين تہ انهيءَ ۾ هڪ علامت ورتي وئي آهي، هي اهو ڪردار آهي جيڪو دراصل مٽجي نٿو، هڪ خميسو مري ٿو وڃي تہ وري ان جي جاءِ ان جو ٻيو پاءُ وٺي ٿو، ڪوٽ غربت، مفلسي ۽ زندگي نہ تبديل ٿيڻ جي علامت طور پيش ڪيو ويو آهي. ٽيڪنيڪ جي لحاظ کان جمال ابڙي جون ڪهاڻيون تمام گهڻي حد تائين ڪشش رکندڙ ڪهاڻيون آهن، عام طور سان اسين ڏسنداسين تہ اسان کي ڪهاڻين جا پلاٽ سادا سودا لڳندا پر پنهنجي جاءِ تي اهي منظم ضرور آهن. واقعا ۽ ڪردار هڪ ٻئي سان جڙيل آهن. هي سڌي طرح ڪردار کي ظاهر ڪري ٿو. گهڻي حد تائين تہ ڪردارن جي منظر ڪشي بہ ڪري ٿو ۽ ڪٿي ڪٿي تشبيهہ ۽ بيان جي ايجاد سان ڪهاڻي جا رخ اڳيان آڻي ٿو. هن جون اڪثر ڪهاڻيون بيانيہ انداز ۾ بہ ملن ٿيون. هي سڌي طرح ڪهاڻي بيان ڪري ٿو. هن پنهنجي ڪردارن ۾ ڪٿي نفرت تہ ڪٿي پيار ۽ همدردي وارا پهلو بہ اجاگر

ڪري ٿو. ڪهاڻي کي شروع کان وٺي آخر تائين پڙهندڙ کي هڪ تجسس ۾ تاثر ۾ رکي ٿو ۽ پڙهندڙ ڪهاڻي پڙهڻ دوران انهيءَ تاثر ۾ گهم ٿي وڃي ٿو. دراصل اهوئي ڪهاڻيڪار جو ڪمال ۽ ٽيڪنيڪ هوندي آهي جو پڙهندڙ آخر تائين انهيءَ تاثر ۾ پنهنجو پاڻ کي سڌي طرح جميل محسوس ڪري. جمال ابڙي جي افسانن جا ڪردار ۽ موضوع اسان جي سنڌي معاشري ۽ سماج جا جيئرا جاڳندا ڪردار آهن.

ڪهاڻي خميسي جو ڪوٽ ۾ لکي ٿو ته: ”ننڍڙو يارهن سالن جو خميسو اڳئي مال وٺيو پوڙن ۾ بيٺو هوندو هو. ڪيس قميص ڪا نه هئي، پر هڪ ٽڳڙين نڪتل گرم ڪوٽ پيو هئس. ڪاري گوڏ مٿي تي ميرو ڪپهه جو ٽوپ مٿر به ماڪ سان چانيان پيا هوندا هئا، ٻئي هٿ ڪڇن ۾ وجهي پيرين اگهاڙو، پاڻ کان ڏگهي لٺ ڪنيو، سوڙهو ٿيو بيٺو هوندو هو. سنڌس ڪاڏي پئي ڪڙڪندي هئي، مون کي ڏسي دانهن ڪندو هو ”ها ملان“ (9)

وري افساني ”پيراڻي“ ۾ ڪهاڻي کي بيان ڪندي لکي ٿو: ”وڃڻ کان اڳ پيراڻي جي پيءُ زال جي منهن ۾ ڏنو، سنڌس اڳيان سُڄ ۽ بک ڦري ويئي جوڻس هيسجي پيراڻي جي چولڙي کي ڏنو جو اجان هاڻي ڏوئي وڏو هئائين سنڌس خاموش بيوس اکين ۾ انڪار ڪين هو!

وري ٻئي هنڌ ساڳي ڪهاڻي ۾ لکي ٿو: ”ڳوٺ جي ٻاهران سٺ روپين تي فيصلو ٿيو. اڄ بروهين پنهنجا تڏا پٽيا. پيراڻي جي پيءُ جو نڪ اکين جو پاڻي سنڌس ڏاڙهي مان ٿي ٽميو ۽ ڦٿڪندڙ زال کي جهليائين. لڏ رواني ٿي. پيراڻي اوٻاسين ۾ ”ابا ۽ امان“ پڪاريو“. (10)

جمال ڪهاڻي بدمعاش ۾ ڪردار جي تمام خوبصورت نموني تشبيهه ڪري ٿو:”هو وڏو بدمعاش هو. پهرين نمبر جو، ڪوڙ دغا، فريب، چوري، ڌاڙو، هن جي ڏائي هٿ جو کيل هئا. چپٽين ۾ ڏوهه ڪري وٺندو. حرام جو قياس پوبس. خار ۾ چپ ڪيو بيٺو ڏسندو، هڪ پرون هيٺ، ٻيو پرون مٿي، ڏند ڏندن سان مليل، ناسون ڦٽاريون، چيتي وانگر شڪار کي تاڙيون بيٺو هوندو. بس بس ڪري وٺي حملو ڪندو. آنڊا ٻاهر.

ڏائڻ جهڙي ڪهاڙي ڪلهي تي کنيو، شينهن وانگر جهنگ ۾ ڦرندو وتندو هو. شل نه ڪير ڪيس للڪاري. ماٺ ڪري ڳاٽ اوچو جهلي ڪيس ڏسندو پيرن کان مٿي تائين ٻه ٽي دفعا، وٺي گجگوڙ ڪندو. واگهه وانگر ٽپال ڏيئي اچي شڪار تي ٽٽندو. ڪهاڙين جو شپڪو، سيڪنڊ ٿي ويندا.

”چيلهه سنهي، سينو ويڪرو، ڪلها اڀا مڇن کي تاءُ ڏيو اکيون ڪرڙيون ڪيو پير پير ۾ مست ٿيون وتندو. ڪنهن تي فلڪ نه آڻيندو“. (11)

هن ڪهاڻي ۾ جمال ابڙي ڪيڏي نه مهارت ۽ ٽيڪنيڪ سان ڪردار جي

منظر ڪشي ڪئي آهي، ڪنهن تهميد ٻڌڻ کان سواءِ سڌو سنئون ڪهاڻي جي اصل موضوع تي اچي ٿو. ڪهاڻي پشوپاشا ۾ بہ پشو جي تصوير ڪشي هن نموني بيان ڪري ٿو.

”پشو قدرت جي هڪ اڻ گهڙيل تخليق هو. ننڍي هوندي کان ئي ڇيڳرو، الڙ ۽ ارڏو هوندو هو. هو پهاڙن ۾ جائو ۽ پهاڙن ۾ پليو. بس پهاڙ هئا، پٿر هئا، ۽ پشو هو. اُيا اُيا جيئرا جاڳندا پهڻ. رڍون ۽ پشو بہ چڻ تہ چرندو پرندڙ پهڻ هئا. پهڻن سان پيٽ مان نڪتل تازا ٻچڙا! پهڻ جي اوٽ ۾ ۽ پهڻن جي مٿان وتندا هئا، ڊوڙيندا ۽ ٽپندا. ائين ٿي معلوم ٿيو تہ پهڻ، پشو ۽ رڍون هڪ ئي شيءِ هئا. هڪ ئي هوا هئي هڪ ئي زمين ۽ هڪ ئي پاڻي، جنهن هزارن ورهين کان هن ماٽري ۾ ماٿهو، مال ۽ ان پئي پيدا ڪيا.

پشو ائين وڏيو، جئين ڪو خشڪ جابلو ٻوٽو پٿرن مان ڦاٽي نڪتو هجي، ڳاڙهو پٿريلو رنگ، پورا جهنڊولا وار، گليليءَ سان وتندو هو پٿر ڇٽيندو ۽ ٻنير مارينده، هڪ جيڏن سان وڙهندو ليٽندو، ليٽڙندو، پڇندو ۽ ڊوڙندو. ڏسندي ڏسندي، جوان ٿي ويو تہ بہ جهڙو ٻار“ (12)

ڊاڪٽر الانا صاحب جن لکن ٿا تہ: ”هن پنهنجي افسانن ۾ سماج جي ڏوهارين مجبور ۽ بيڪس انسان جي طرف کي پيش ڪيو آهي ۽ انهن جي بچاءَ ۾ پنهنجي پيار ۽ انسان دوستي جا تمام امنگ ۽ جذبا پڙهندڙ جي اڳيان پيش ڪيا آهن. پنهنجي ئي ڏتڙيل ماحول ۽ سادي زندگي جي بنهہ سادن پلاٽن کي کڻي انهن جي پوبان دک ۽ درد جي پيڙا لڪل آهي جمال انهن جو اهڙيون تہ دلگداز تصويرون ڇٽيون آهن جو انهن کي ڏسندي هر ڪنهن کان پنهنجو ذاتي دک درد وسريو وڃي“. (13)

جمال جا تقريبن افسانا آغاز کان انجام تائين ٽيڪنيڪ ۾ نهايت ئي اهميت جا حامل افسانا آهن، جمال ابڙي جي افسانن ۾ ٽيڪنيڪ جي اهميت اهڙي طرح پيش ڪئي آهي جو اثر ڪردارن ۾ ڏيکاري ٿو. ماحول ۽ ڪردارن جي پاڻ ۾ هم آهنگي ڏسڻ ۾ ملي ٿي. سنڌي افساني ۾ جمال ابڙو حقيقت ۾ اهو افسانا نگار آهي جيڪو سنڌي سماج جي رڳ رڳ کان واقف هو. سراج ميمڻ جن لکن ٿا تہ: ”ڪهاڻي يا افساني جي ٽيڪنيڪ ۾ تہ جمال حرفِ آخر هو“. (14)

## اسلوب جو استعمال

هن هميشہ مذهبي تنگ نظرئي، قبر پرستي ۽ پير پرستي جهڙين بدعتن جي خلاف زور دار نموني لکيو. اسين جڏهن جمال ابڙي جي افسانن ۾ سندن اسلوب تي غور ڪنداسين تہ اسان کي اها ضرور پڪ ٿي وڃي ٿي تہ جمال ابڙي پنهنجي منفرد اسلوب ذريعي پنهنجو هڪ خاص مقام بڻايو آهي. ڏنو وڃي تہ اسلوب ئي ڪنهن شاعر يا اديب جي هڪ خاص سڃاڻپ بڻجي ٿو. هن جي لکڻ ۽ مواد کي ترتيب ڏيڻ

وارو طريقو ۽ انداز سندن همصرن ۾ هڪ منفرد ڪري اپاري ٿو. جمال جهڙي طرح زندگي جي مسئلن کي پنهنجن افسانن ۾ پيش ڪيو آهي جيئن مثال طور ڪاروڪاري جهڙي فرسوده رسم هن پنهنجي افساني ”سينڌ“ ۾ بيان ڪئي آهي. وري بک بدحالي، غربت مفلسي جي تصوير هن پنهنجن افسانن ”خميسي جو ڪوٽ“ پيراٽي، ڪارو پاٽي، ۽ وري ٻي طرف پير پرستي ۽ قبر پرستي جي خلاف جهاد ”شاهه جو ڦر“ ”ڪارو منهن“ ڪهاڻين ۾ تصوير ڪشي ڪندي نظر اچي ٿو. حقيقت ۾ اهي سڀ ئي مسئلا جمال ابڙي جي همصر اديبن به پيش ڪيا آهن. پر سندن اها اسلوب جي خوبي آهي جو هن کي پنهنجي همصرن ۾ هڪ ممتاز بڻائي ٿي. ڏنو وڃي ته هن جو مطالعو تمام گهڻو هو. هن تمام وڏن وڏن اديبن کي پڙهيو هو.

جمال ابڙي جي اسلوب ۾ ڪيترين ئي جاين تي تشبيهن ۽ تمثيلن ذريعي به داخلي جذبن جي اظهار کي نهايت ئي پُر سوز لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

”ڳالهه ٻڌي منهنجا ڪپاٽ کلي ويا. دينوءَ پنهنجي ڏاڙهي گلاب جي خوشبو لاءِ ٽپائي هئي“. (15) ”بانس ۽ ڏپ کي ڪنڌيرو ٿي ويو. پر گلاب جي سرهاڻ کي ٻوساٽيو ٿي ويو“. (16)

جمال ابڙي جي افسانن ۾ اسلوب جي اهڙي خوبي نمايان طور تي نظر اچي ٿي. جيڪا ان جي ڪردار کي جاندار بڻائي ڇڏي ٿي.

جمال ابڙي جي استعمال ڪيل افسانن ۾ ٻولي تمام خوبصورت آهي هو خالص عوامي زبان استعمال ڪندي نظر اچي ٿو. خاص ڪري ڳوٺاڻي ٻولي ۽ ڳوٺائي ماحول جي پيدوار آهي. هن وٽ نه ڪا مصنوعي يا ملاوٽ نظر نٿي اچي. زبان جو انداز لب ۽ لهجو به عوامي آهي. هن کي جيڪا ڳالهه پنهنجي افسانن ۾ چوڻي هئي هو اهو سڀ ڪجهه بهترين انداز ۾ چئي ويو آهي ۽ اهوئي سبب آهي ته هن جي افسانن جي مقبوليت جو راز به اهوئي آهي. هن جي استعمال ڪيل ٻولي پڙهندڙ لاءِ اجنبي نه پر پنهنجي لڳي ٿي. هن خاص ڪري ننڍا ننڍا، مختصر جملن ۾ تمام وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري ويو آهي جيڪي پڙهندڙ تي تمام گهڻو اثر وجهن ٿيون.

”ڊاڪٽر صاحب جو موڊ خراب ٿي ويو. چيائين وڏي ڪا گڙ ٻڙ آهي. چڱي طرح معائنو ڪرڻو پوندو ائين چئي ٻئي هٿ مٿي کنيائين. مون کان ڇرڪ نڪري ويو. هٿ نه پر چنبا هيس ۽ هيٺيان وردي پيل هئس. مون کان زور سان چيخ نڪتي. ”عزرائيل“. (17)

جمال ابڙو جي ٻولي بابت شيخ اياز جن لکن ٿا ته: ”جڻ ڪنهن چيو آهي ته نثر گهمي ٿو ۽ نظم رقص ڪري ٿو، پر جمال جي ڪهاڻي پيراڻي ۾ پڙهي مون کي ائين لڳو جڻ نثر به رقص ڪري ٿو“. (18)

جمال تمام وڏو نثر نويس آهي. سندن افسانن پڙهڻ کان پوءِ ائين لڳي ٿو ته

سندن جذبن جو هڪ اونهو سمنڊ موجود آهي جيڪو ڇئني پاسن کان لهرون هڻي رهيو آهي. هن وٽ لفظن جي جادوگري نہ آهي پر هڪ حقيقت نگار جيان اهو ڪجھ ٻڌايو آهي ۽ اها زبان استعمال ڪئي آهي جيڪا انهي ڪردار مطابق ٺهڪندڙ ۽ اصلي زبان آهي، جيڪا هو استعمال ڪندي نظر اچي ٿو. مطلب تہ جهڙو ڪردار آهي اهڙي طرح زبان بہ استعمال ڪري ٿو. يعني ڪو رحم جي لائق ڪردار آهي تہ ان جي زبان بہ نرم ۽ رحم واري آهي وري جيڪڏهن ڪردار باغي ۽ سرڪش آهي تہ سندن ٻولي بہ باغيانہ آهي. هن جا ڪردار سماج جا جيئرا جاڳندا ڪردار آهن. جيڪي اسان جي معاشري ۾ گھمي ڦري رهيا آهن.

ڊاڪٽر الانا صاحب جن لکن ٿا تہ: ”سنڌي افسانہ نگارن ۾ جمال ابڙي کي اعلئ مقام حاصل آهي. ان جو اسلوب بيان نئيا نئيا ڇيل فقرا، ٺيٺ سنڌي معاورا، تشبيهون ۽ استعارن جي عبارت آهي“.(19)

جمال ابڙي جي افسانن ۾ جيڪا ٻي اهم خوبي اها آهي تہ سندن منظر نگاري تمام منفرد نموني سان پيش ڪندي انهيءَ ۾ اسلوب جي طاقت جي سبب ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ اسين اهو منظر پاڻ پنهنجين اکين سان سڀ ڪجھ ڏسي رهيا آهيون.

عرساڻي صاحب جن لکن ٿا تہ: ”جمال منظر يا بيان نهايت چٽائيءَ سان ڪري ٿو، جنهن مان ماحول ۽ ڪردارن جي احساسات ۾ هم آهنگي پيدا ٿي وڃي ٿي ۽ ڪهاڻي جي فضا مڪمل طور تيار ٿي وڃي ٿي ۽ واقعي لاءِ هڪ ميدان هموار ٿي وڃي ٿو“. (20)

جمال ڪهاڻي ”پيراڻي“ جي شروعات ۾ ئي تمام خوبصورت ۽ موثر منظر ڪشي ڪئي آهي جنهن سان هڪ تہ بروهي پوري قبيلي جي تاريخ ۽ ثقافت کولي سامهون اچي وڃي ٿي.

”ٽڪر تان بروهين جي لڏ ٿي لٿي. سياري جي شروعات هئي. جابلو پٽن تان خشڪ هوا، سنهڙيون پٽريون گھليون ٿي ويئي. بہ ٿي ڏاند هئا. جن تي سامان لڏيل هو. هڪ اٺ جنهن تي بانس جون لنيون ۽ ڏنڊا هئا. سنڌ ۾ وڪري لاءِ ڪنيل هئا. پنيان بہ ڪتا پڇ لوڏيندا پڳا ٿي آيا. مردن جا پير اگھاڙا. سنڻيون ڦاٽل ۽ لنڊيون. مٿن ۾ عاليشان ٽڪڙن وارا پرت پريل ميرا ۽ چيڙھ پيل. زائفن کي سهڻي کٽل پرت سان ڍگها گگھا. ڏاندن تي وڏا ٻولا رکيل جن ۾ ڏاس جا وٽيل رسا پيل. ننڍڙا چار ٻار ڏاندن تي چڙهيل. مائٽن کي سهٽا لڪڻ هٿ ۾ جن سان ڏاندن کي هڪليندا ٿي آيا ۽ سريلو ”هي... هون“ جو آواز پئي ڪيائون. شڪلين جا سهٽا ۽ شاندار بيهڪ ٺاهوڪي“. (21)

اهڙي طرح افساني ”خميسي جي ڪوٽ“ ۾ جڏهن خميسي جي موت جي

منظرڪشي ڪهڙي نہ دردناڪ انداز ۾ بيان ڪري ٿو پڙهندي ائين لڳي ٿو تہ ڄڻ انسان جو اندر ڏهڻ شروع ٿي وڃي ٿو.

”مون بہ رلهي مٿي ڪٽي ڏنو، انهيءَ قاتل ڪوٽ ۾ پيرين اگهاڙو خميسو پيو هو. سندس ڪارو رنگ اڃا بہ ڪاراڻجي ويو هو. اکيون ڳاڙهيون ۽ مغز باهہ. سندس ڪليل وات مان گهجي ٿي وهي. اکيون ڦرهي ويون هئس ۽ سندس اڇا سهڻا ڏند پوائتا ٿي لڳا. مون دانهن ڪئي. ماڻس پڄندي آئي. پڻس کي گهرايو ويو اسپتال ڇهہ ميل پري هئي. ڊاڪٽر خرچي بہ وٺندو هو. مون پنهنجو ڪوٽ لاهي مٿائنس وڌو ڪيڏي نہ همدردي! خميسي کي ملان وهنجاريو ميرو ڪوٽ لاهي نئون ڪپڙو ويڙهيو. مون عطر بہ آندو. سندس ننڍڙا اڇا ڏند اڃا بہ ٿڌ جي شڪايت ڪري رهيا هئا. ڪيس سڌو سنئون ڪٽ تي سمهاريو ويو. سيني قطار ٻڌي ۽ ملان الله اڪبر چيو“. (22)

حقيقت ۾ جمال ابڙو اهو ڪهاڻيڪار آهي، جيڪو پنهنجي افسانن ۾ زندگيءَ جا حقيقي رنگ دانشمداڻي انداز سان بيان ڪيا اٿس ۽ پڙهندڙ انهن رنگن ۾ پاڻ کي ايئن پائي ٿو ڄڻ هُو پاڻ اُتي موجود اُهو سڄو لڪاءُ ڏسي رهيو آهي.منظرن جي عڪاسي، جملن جي بيهڪ، گفتگو جو انداز ۽ افسانن جي ٽيڪنڪ سندس پنهنجي دور جي همعصرن کان مٿانهون ڪيان بيٺا اٿس.ماحول ۽ وقت کي ڏسندي اڄ بہ ايئن ٿو ڀائجي تہ اُهي سڀ افسانا اڄ جي دور ۽ اڄ جي عام ماڻهن جي ڏکن ۽ سورن ٿهڪي اچن ٿا.

## حوالا:


1. ويسريو، منظور، جمال ابڙو فن شخصيت، اڪادمي ادبيات پاڪستان، ڇاپو - پهريون،2006ع،ص 95
2. نور افروز خواجہ، مشڪ ڪٿوري مڻ، گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد 2010ع ص 209
3. الانا، غلام علي، ترتيب چونڊ سنڌي افسانا، انسٽي ٽيوٽ آف سنڌالاجي ڇاپو ٽيون. سال 1981ع ص. ح
4. سراج، منهنجو يار، جمال ابڙو، مضمون مشمولا ڪلاچي، شاهہ لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، سيپٽمبر 2004ع ص 20
5. غفور ميمڻ، ڊاڪٽر،سنڌي ادب جا فڪري پس منظر، شاهہ لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2002ع ص 361
6. سحر امداد، جمال ابڙي جي عظمت، مضمون، مشمولا ٽي ماهي مهراڻ، خزان 2004، ص 170
7. غفور ميمڻ، سنڌي ادب جا فڪري پس منظر، شاهہ لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2002ع،ص 361
8. عرساڻي، محمد اسماعيل، چار مقالا، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٻيو، 1983ع، ص 25
9. ميمڻ غفور، سنڌي ادب جو فڪري پس منظر، شاهہ لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2002ع،ص، 320
10. ميمڻ غفور، سنڌي ادب جو فڪري پس منظر، شاهہ لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2002ع ص، 335
11. ابڙو، جمال،پشو پاشا ۽ ٻيون ڪهاڻيون،ڪهاڻي بدماش،روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو،ڇاپو_ ڇهون، 2015ع، ص _ 43
12. ابڙو، جمال،پشو پاشا ۽ ٻيون ڪهاڻيون،ڪهاڻي پشو پاشا،روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو،ڇاپو_ ڇهون، 2015ع، ص _ 78

13. ابڙو، جمال، ڪهاڻي، منهن ڪارو،مجموعو پشو پاشا، ورستي سنڌي پبليڪيشنس، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو ٻيو، جون 1976ع،ص _ 36
14. ساڳيو،ابڙو جمال، ڪهاڻي،منهن ڪارو،مجموعو پشو پاشا، ص_ 37
15. ابڙو، جمال،پشو پاشا ۽ ٻيون ڪهاڻيون،ڪهاڻي فرشتو،روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو،ڇاپو_ ڇهون، 2015ع، ص _ 105
16. ابڙو،جمال، ڪهاڻيون، مضمون ۽ شخصيت، ثقافت کاتو، ڪراچي، 1992ع، ص _ بيڪ ڪور
17. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي افساني تي هڪ نظر، مشمولا جديد سنڌي ادب، اردو تراجم آفاق صديقي، پاڪستان فائونڊيشن، لاهور، 1997ع ص، 12
18. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، آزادي کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 1982ع،ص 374
19. ابڙو، جمال،ڪهاڻي، پيراڻي، مجموعو پشو پاشا، ص ورستي سنڌي پبليڪيشنس، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو ٻيو، جون 1976ع _ 16
20. ابڙو، جمال،ڪهاڻي،خميسي جو ڪوٽ، مجموعو پشو پاشا. ورستي سنڌي پبليڪيشنس، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو ٻيو، جون 1976ع، ص _ 62_63